# فیضانِ امیرمعاویہ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ

24-FEBRUARY-2022



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

24 فيبروري، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# فيضانِ امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ

## هن بيان ۾ اوهان ڄاڻي سگهندؤ

✿... قرآن مان امير معاويه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي تذڪري جو ثبوت

✿...الله ۽ رسول معاويه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ سان محبت ڪن ٿا

✿...امير معاويه رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ۽ محبتِ اَهلِ بيت

✿...آخري وقت گهروارن کي نيڪي جي دعوت

پيشڪش

**مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه** (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

**ترجمو**

ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ(دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

## نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف جي معنيٰ آهي: مون سُنَّت اعتڪاف جي نيت ڪئي. نيت دِل جي ارادي کي چئبو آهي، جڏهن بہ مسجد ۾ حاضِري نصيب ٿئي، هر ڀيري ياد ڪري دِل ۾ ارادو رکي عربي، سنڌي يا ڪنهن بہ زبان ۾ اعتڪاف جي نيت ڪرڻ گهرجي!، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! جيستائين مسجد ۾ رهندؤ نفل اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو، ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره شرعاً جائِز نہ آهي، اعتڪاف جي نيت ڪنداسين تہ اهي ڪم بہ جائِز ٿي ويندا.

## درود شريف جي فضيلت

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **:** جنهن سڄي ڏينهن ۾ مون تي هڪ هزار (1000) درودِ پاڪ پڙهيا، اهو ان وقت تائين نہ مرندو، جيستائين جنّت ۾ پنهنجو مقام نہ ڏسي وٺي.[1]

جو مرضِ لادوا ہے یہ گھول کر پلادو کیا نُسخہَ شفا ہے صلِّ علی محمد

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...الترغيب والترهيب،ڪتاب: الذڪر والدعا، صفحه:565، حديث:22۔

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارو مدار نيتن تي آهي.[1]
پيارا اسلامي ڀائرو! سني نيت ماڻهو کي جنّت ۾ پهچائيندي آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سنيون سنيون نيتون ڪري وٺو! مثلاً نيت ڪريو: ❖ رِضَاءِ اِلٰهي جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❖ عِلمِ دين سکندس ❖ پورو بيان ٻُڌندس ❖ ادب سان ويهندس ❖ نصيحت حاصِل ڪندس ❖ اَحمَدِ مُجتبيٰ، مُحَمَّد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جو مبارڪ نالو ٻڌي درودِ پاڪ پڙهندس.

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## وصفِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ نہ لڪايو...!

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي نبي حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام جي اَولاد کي بني اسرائيل چيو ويجي ٿو، سيپاري: 1، سورت بقره، آيت نمبر: 42 ۾ الله پاڪ بني اسرائيل کي فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَلَا تَلْبِسُوا الْحَقَّ بِالْبَاطِلِ وَتَكْتُمُوا الْحَقَّ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۴۲﴾ (پاره:1،سورۃ بَقَرہ:42) | ترجَمو ڪنزُالعرفان: ۽ حق کي باطل سان نہ ملايو ۽ ڄاڻي واڻي حق کي نہ لڪايو |

هن آيت سڳوري ۾ بني اسرائيل کي ٻن ڳالهين کان منع ڪيو ويو آهي:
1: حق کي باطِل سان ناهي ملائڻو ۽ 2: حق کي ناهي لڪائڻو.
آيت سڳوري ۾ ٻه ڀيرا لفظِ حق استعمال ٿيو آهي، هن حق مان ڇا مراد آهي؟ ان جي وضاحت ڪندي مُفَسِّر سڳورا فرمائن ٿا: نَعۃُ مُحَمَّدٍ فِی التَّوْرَاۃِ يعني هنڌ حق مان مراد حُضُور جانِ ڪائنات، فخرِ موجودات صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي اها وصفِ

[1]...بخاری، کِتَاب:بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حديث:1۔

پاڪ آهي، جيڪا الله پاڪ تورات شريف ۾ نازِل فرمائي.[1] لھٰذا بني اسرائيل کي حڪم ڏنو ويو تہ **اي تورات تي ايمان رکڻ جي دعويٰ ڪرڻ وارؤ!** اسان تورات شريف ۾ پنھنجي محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جا اَوْصَاف ۽ فَضَائِل بيان ڪيا آهن، وصفِ مصطفيٰ تورات ۾ بيان فرمائي آهي، هاڻي توهان تي لازم آهي تہ توهان اسان جي محبوب جي نعتن ۾ نہ پنھنجي طرفان باطِل جي ملاوٽ ڪيو، نہ ئي اسان جي محبوب جون نعتون (سهڻا وصف) لڪايو! بلڪ جيترو تي سگهي اسان جي محبوب صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي نعتن(سهڻن وصفن) جي ساراهہ ڪيو...!

سُبْحٰنَ الله! **پيارا اسلامي ڀائرو!** هتان ڪان اندازو لڳايو! ڪيترا خوش نصيب آهن اهي ماڻهو جيڪي اَوْصافِ مصطفيٰ جو خُوب چرچو ڪن ٿا، جُهومي جُهومي نعتون پڙهن ٿا، الله پاڪ اسان سيني کي نعتِ مصطفيٰ سان گهري محبت نصيب فرمائي.

نعت سُنتا رہوں، نعت کہتا رہوں آنکھ پُر نَم رہے، دِل مچلتا رہے
نجمؔ نامِ مُحَمَّد زباں پر رہے ذِکْر ہوتا رہے، سانس چلتی رہے

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ تورات شريف ۾ جيڪي اَوصَافِ مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم بيان ڪيا آهن، بني اسرائيل کي حڪم ٿيو تہ انھن کي بلڪل نہ لڪائجو، بلڪ انھن جي ساراهہ ڪندا رهو. اچو! تورات شريف ۾ ذڪر ٿيل هڪ وصف مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ٻڌون ٿا:

## تَورات شريف ۾ مصطفيٰ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي هڪ صف

امام حاڪم جي مُسْتَدْرَڪ ۾ حديثِ پاڪ آهي: مسلمانن جي چوٿين خليفي، امير المؤمنين مولا علي مشڪل ڪشا شيرِ خُدا رَضِیَ اللہُ عَنْہ روايت ڪن ٿا: هڪ ڀيري بني اسرائيل مان هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضِر ٿي اسلام

[1]...حَاشيَۃ الصَّاوی عَلیٰ تَفسِير الجَلالين، پاره:1، سورة بقرة، تحت الآية:42، جلد:1، صفحہ:67۔

قبول ڪيو ۽ ان تورات شريف ۾ لکيل ڪجھ اَوصافِ مصطفيٰ بہ بيان ڪيا، ان چيو: اي محبوب صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ ! تورات شريف ۾ اوھان جي (ھڪ) وصف ھيئن (لکيل) آھي: مُحَمَّدُ بْنُ عَبْدِ اللهِ مَوْلِدُهٗ بِمَكَّةَ وَ مُهَاجَرُهٗ بِطَيْبَةَ وَ مُلْكُهٗ بِالشَّام مُحَمَّد بن عبد الله (صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ)، مکو پاڪ سندن ولادت جو ھنڌ ھوندو، طيبہ پاڪ سندن ھجرت جو مقام ٿيندو ۽ ملڪ شام سندن بادشاھت وارو ھنڌ ٿيندو. [1]

**پيارا اسلامي ڀائرو!** ھاڻي اسان کي ٿوري توجھ سان ھن وصفِ مصطفيٰ کي سمجھڻو آھي، تورات شريف ۾ بيان ٿيو: 1: مَوْلِدُهٗ بِمَكَّةَ يعني مُحَمَّد صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي وِلادت جو ھنڌ مڪہ مڪرمہ آھي، بلڪل واضِح ڳالھ آھي، حُضُور، جانِ عالَم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ مڪہ مڪرمہ ئي ۾ پيدا ٿيا 2: پوءِ ارشاد ٿيو: مُهَاجَرُهٗ بِطَيْبَةَ طيبہ سندن مقامِ ھجرت ٿيندو. ھي بہ سيني کي خبر آھي تہ سرڪارِ عالي وقار، مکي مدني تاجدار صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ مڪہ مڪرمہ مان ھجرت ڪري مدينہ طيبہ تشريف وٺي ويا 3: ٽئين نمبر تي ارشاد ٿيو: وَمُلْكُهٗ بِالشَّام يعني ملڪ شام سندن مقامِ سلطنت ٿيندو.

ھي ڳالھ ظاھر طور عجيب آھي جوتہ سردارِ مڪہ مڪرمہ، سرڪارِ مدينہ منوره صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جي ظاھري زِندگي مبارڪ ۾ ملڪ شام تي ڪافِرن جي حڪومت ھئي ۽ آخر تائين اتي ڪافِرن ئي جي حڪومت رھي. يعني ھوندي تہ حُضُور، جانِ ڪائنات صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ سڄي ڪائنات جا مالِڪ ۽ مختار آھن پر ظاھري اعتبار سان 63 سالن جي مبارڪ زندگي ۾ ڪڏھن مُلڪ شام سندن حڪومت وارو مقام ناھي رھيو، پوءِ تورات شريف ۾ اِھو ڪيئن فرمايو ويو تہ وَمُلْكُهٗ بِالشَّامِ (مُلڪ شام مُحَمَّد صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بادشاھت جو مقام ٿيندو) ؟

اچو! ھن سُوال جو جواب ڳولھڻ جي لاءِ ٿورو تاريخ ۾ غور ڪيون ٿا:

❖ پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ پنھنجي ظاھري زندگي مبارڪ

---

[1]...مُسْتَدرَڪ، ڪتاب: آيات رسول اللہ، جلد:3، صفحہ:526، حديث:4300۔

۾ مدينہ منوره ئي ۾ قيام فرمايو❖ سندن بعد حضرت ابو بڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہ مسلمانن جا پهريان خليفہ ٿيا، ان وقت بہ دار الخلافہ مدينہ منوره ئي هو ❖ پوءِ حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللہُ عَنْہ ٻيون خليفو ٿيو، ان وقت بہ دار الخلافہ مدينہ منوره ئي هو ❖ پوءِ حضرت عثمانِ غني رَضِیَ اللہُ عَنْہ ٽيون خليفو ٿيو، ان وقت بہ دار الخلافہ مدينہ منوره ئي هو ❖ پوءِ مولا علي رَضِیَ اللہُ عَنْہ چوٿون خليفو ٿيو، ڪين ڪوفہ کي دار الخلافہ بڻايو ❖ پوءِ امامِ حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللہُ عَنْہ پنجون خليفو ٿيو، ان وقت بہ دارالخلافہ ڪوفہ هو ❖ هتي اچي خِلافتِ راشده جي مُدَّت جا 30 سال مڪمل ٿيا، ان کان بعد اسلام ۾ بادشاهت جو آغاز ٿيو ۽ اسلام جي تاريخ ۾ سڀ کان پهريان جيڪو بادشاهہ ٿيو، اهو آهي: حضرت امير مُعَاوِيہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ. حضرت امير مُعَاوِيہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ ئي پهريون شخص آهي جن مُلڪ شام کي پنهنجو دار الخلافہ مقرر فرمايو، ان کان پهريان اسلام جي تاريخ ۾ ڪنهن وقت بہ مُلڪ شام دارُ الحڪومت نہ بڻيو.

لهٰذا خبر پئي! اهو جيڪو تورات شريف ۾ ارشاد ٿيو هو: وَمُلْكُهٗ بِالشَّام يعني حضور جانِ ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي مقامِ بادشاهت مُلڪِ شام ٿيندي، حُضُورِ اڪرم، نُورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي صدقي اِهو حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي بادشاهت جو ذڪر آهي، جنهن کي تورات شريف ۾ اَوْصَافِ مصطفيٰ (جي عنوان سان) وصفِ مصطفيٰ طَور بيان ڪيو ويو آهي.

سُبْحٰنَ الله! سُبْحٰنَ الله! اي عاشقانِ صحابه و اهل بيت! حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي شان ۽ عظمت تي قربان وڃجي! الله پاڪ سندن حڪومت کي حڪومتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ قرار ڏنو.

وہ معاویہ پہلے عادِل بادشاہ اسلام کے
پیشگوئی اس شہی کی کر گئے احمد رسول

مانتے ہیں اُن کی شانوں کو ہمارے سب بزرگ
اُن کی عظمت کی ہیں قائل سب سلیمانہ عقول

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايمان افروز مدني گل

اي عاشقانِ رسول! هن سڄي تفصيل مان 3 ايمان افروز مدني گل سکڻ لاءِ مليا:

## ڪمالاتِ صحابہ ڪمالاتِ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ آهن

1: صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي ڪمالات جو ذِڪر صِرف انهن جي ڪمالات ئي جو ذِڪر نہ آهي بلڪ هي وصفِ مصطفيٰ بہ آهي. ڏسو! حضرت امير معاويہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه صحابي آهن، اللّٰه پاڪ تورات شريف ۾ سندن بادشاهت جو ذِڪر فرمايو پر ڪيئن؟ ڇا انهن جو ذِڪر ڪري؟ نہ، نہ، اللّٰه پاڪ وَصف بيان ڪيو پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو ۽ ان وَصفِ پاڪ جو آئينہ دار حضرت امير معاويہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه بڻيو. معلوم ٿيو: اسان صحابي سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جو شان بيان ڪيون تہ هي صِرف شانِ صحابہ جو بيان نہ آهي بلڪ وصفِ مصطفيٰ بہ آهي ❖ جڏهن اسان حضرت صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جو شان بيان ڪريون ❖ حضرت فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جو شان بيان ڪريون ❖ حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جو شان بيان ڪريون ❖ حضرت مولا علي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جو شان بيان ڪريون ❖ حضرت امير معاويہ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جو شان بيان ڪريون ❖ ڪنهن بہ صحابي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه جو شان بيان ڪريون تہ هي صحابي سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي منقبت تہ بلڪل آهي، پر ان سان گڏوگڏ هي نعتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بہ آهي ڇوتہ انهن سيني کي جيڪو بہ شان مليو، جيڪي بہ رُتبا نصيب ٿيا، اهي سڀ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي بدولت ئي نصيب ٿيا آهن.

| | |
|---|---|
| کیوں نہ ہو رُتبہ بڑا اَصحاب و اَہلِ بیت کا | ہے خُدائے مصطفٰے اَصحاب و اَہلِ بیت کا |
| آل و اَصحابِ نبی سب بادشہ ہیں بادشاہ | میں فقط ادنٰی گدا اَصحاب و اَہلِ بیت کا[1] |

---

[1] ...وسائل فردوس، صفحہ:35۔

## حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ فَنَا فِي الرّسُول آهن

2: ٻي ڳالھ ھي خبر پئي تہ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ فَنَا فِي الرَّسُول جي وڏي رتبي تي فائِز ھئا جو بظاھر مُلڪ شام کي دار الخلافہ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ بڻايو، ظاھر ۾ بادشاھ بہ امير معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ ئي ھئا، تخت تي پاڻ ئي ويھندا ھئا پر الله پاڪ فرمائي ٿو: وَمُلْكُهٗ بِالشَّام مطلب ھي تہ اھا بادشاھت، اھا سلطنت جنھن جا امير ظاھر ۾ امير معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ آھن، اھا بادشاھت اَصل ۾ امير معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي ناھي بلڪ اھا بادشاھت مصطفيٰ جانِ رحمت، شمعِ بزمِ ھدايت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي آھي. ھي ائين ئي آھي جيئن غزوه بدر جي موقعي تي ڪافرن جي طرف پٿريون حُضُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ اڇلايون ھيون پر الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| وَمَا رَمَيْتَ اِذْ رَمَيْتَ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ رَمٰى ۚ<br>(پاره:9،سورۂ انفال:17) | ترجَمو ڪنزُالعرفان: اي حبيب جڏھن توھان خاڪ اڇلائي تہ توھان نہ اڇلائي ھئي بلڪ الله اڇلائي ھئي |

سُبْحٰنَ الله! ھي آھي محبت جو بلند درجو..! سلطنت امير معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ قائِم فرمائن ۽ رَبّ فرمائي: ھي سلطنت امير معاويہ جي نہ آھي بلڪ اسان جي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي آھي.

وہ جس سے روٹھ جائیں تو رسول اُس سے روٹھ جائیں
نبی سے اس طرح کی ہے قرابتِ معاویہ
خُدا کے فَضْل سے ملی، انہیں وہ عظمتِ گراں
کوئی نہ تول پائے گا جلالتِ معاویہ

*-*-*-*

خائِف کبریا حضرت معاویہ عاشقِ مصطفٰے حضرت معاویہ
خُوب رُو خوش ادا حضرت معاویہ خُوش نما خُوش لقا حضرت معاویہ

مخلص و باوَفا! حضرت معاويہ باعَمَل بےريا حضرت معاويہ
جنّتی بےشُبہ! حضرت معاويہ باخُدا باصفا! حضرت معاويہ

وضاحت:باخُدا :يعني خدا جو قسم.

## ذِڪرِ امير معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جو قرآن مان ثبوت

3: ٿئين ڳالھ جيڪا ھتي اسان ڪي سڪڻ لاءِ ملي اھا ھي تہ الله پاڪ تورات شريف ۾ پنھنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي وصف بيان فرمائي، ان ۾ امير معاويہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي سلطنت جو ذڪر تيو ۽ الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي رھيو آھي:

| | |
|---|---|
| وَتَكْتُمُوا الْحَقَّ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ ﴿۴۲﴾ (پاره:1،سورة بقرة:42) | ترجمو ڪنز العرفان: ۽ ڄاڻي واڻي حق ڪي نہ لڪايو |

يعني اسان پنھنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جون جيڪي وصفون تورات شريف ۾ بيان ڪيون آھن، انھن ڪي لڪايو نہ! انھن جي ساراھ ڪيو...!

ھاڻي تورو غور فرمايو! جڏھن اسان تورات ۾ لڪيل وصفِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جو ذڪر ڪنداسين، اسان جھومي جھومي چونداسين: وَمُلْكُهُ بِالشَّام يعني اسان جي آقا جو مقامِ سلطنت ملڪ شام ھو تہ ٻڌايو! ھي ڪنھن جي ساراھ ٿي رھي آھي؟ ھي ڪنھن جي بادشاھت جو بيان ٿي رھيو آھي؟ ھي ڪنھن جي سلطنت جو بيان ٿي رھيو آھي؟ ھا! ھا! ھي حضرت امير معاويہ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي سلطنت جو ذِڪر ٿي رھيو آھي. سُبْحٰنَ الله ! پوءِ اسان نعرا ڇو نہ لڳايون:

مخلص و باوَفا! حضرت معاويہ باعَمَل بےريا حضرت معاويہ
جنّتی بےشُبہ! حضرت معاويہ باخُدا باصفا! حضرت معاويہ

## صحابہ کرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان ايمان جو معيار آهن

اي عاشقانِ صحابه و اهل بيت! صحابي سڳورن عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جي شان جي ڇا ڳالهہ ڪجي، الله پاڪ انهن کي ايمان جو معيار قرار ڏنو آهي، ارشاد آهي:

فَاِنْ اٰمَنُوْا بِمِثْلِ مَاۤ اٰمَنْتُمْ بِهٖ فَقَدِ اهْتَدَوْاۚ

(پاره:1،سورهٔ بقره:137)

ترجمو ڪنز العرفان: پوءِ جيڪڏهن اهي بہ ائين ئي ايمان آڻين جيئن اوهان ايمان آندو تہ اهي هدايت ماڻي ويا.

تفسير نعيمي ۾ هن آيت جي حوالي سان آهي: يعني اي صحابہ! قيامت تائين جيڪو شخص توهان جيان ايمان آڻي، يعني مون (الله پاڪ کي)، منهنجي رسولن کي، منهنجي ڪتابن کي هن طرح مڃي جيئن توهان مڃيو آهي، تڏهن اهو هدايت تي آهي ۽ جيڪڏهن سڀ ڪجهہ مڃي پر توهان وانگر نہ مڃي تہ هو گمراهہ جو گمراهہ آهي، اي صحابہ! توهان تمام جنن ۽ انسانن جي ايمان جو معيار آهيو.[1]

الله اَڪبَر ! غور فرمايو! صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جيڪي اسان جي ايمان جو معيار آهن، جن کي ڏسي، جن جون سيرتون پڙهي ڪري، جن جا اَحوال ۽ انداز ڄاڻي اسان کي پنهنجو ايمان مضبوط ڪرڻو آهي، ڇا انهن جو ذِڪرِ خير نہ ڪيو ويندو؟ لَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّا بِاللهِ

الله پاڪ اسان سيني کي بي عقلي کان محفوظ فرمائي. صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان تہ انبياءِ ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام کان بعد اَفضَل ترين مخلوق آهن، انهن جا ڳُڻ بہ ڳائيبا، انهن جو ذِڪرِ خير بہ ٿيندو، انهن جي نالي جون مسجدون بہ ٺاهيون وينديون، انهن جا ڏهاڙا پڻ ملهايا ويندا ۽ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! انهن جا نعرا بہ لڳايا ويندا، اڄ تائين نہ صحابي سڳورن عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو ذِڪر رُڪيو آهي، نہ قيامت

[1]...تفسير نعيمی، پاره:1، سورهٔ بقره، زيرِ آيت:137، جلد:1، صفحہ:775 بتغير قليل۔

تائين هي ذِڪر رُڪجندو.

معاویہ کی عظمتوں پہ جان ودِل فدا کرو　　　معاویہ پہ منقبت لکھا کرو! پڑھا کرو!
معاویہ کہا کرو! معاویہ کہا کرو!
معاویہ سے پیار تھا، معاویہ سے پیار ہے　　　معاویہ کا ذِکرِ خیر جابجا کیا کرو!
معاویہ کہا کرو! معاویہ کہا کرو!

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب!　　　صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت امير معاويه رضی اللہ عنہ جو مختصر تعارُف

اي عاشقانِ رسول! ❖ حضرت امير معاويه رضی اللہ عنہ اَوّلُ ملوڪِ اسلاميه (يعني اسلامي تاريخ جا سڀ کان اوّل بادشاهه) آهن ❖ مڪ مڪرمه جي مشهور سردار حضرت ابو سفيان رضی اللہ عنہ جا صاحبزاده آهن ❖ سندن مبارڪ نالو: **مُعَاوِيه** ❖ ڪُنيت: **ابو عبد الرحمٰن** ۽ ❖ **ناصِرُ الدِّين** (يعني دِين جا مدد گار)، **ناصِرُ الْحَقّ** (يعني حق جا مدد گار) سندن لقب آهن ❖ حضرت امير معاويه رضی اللہ عنہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي اِعلانِ نبوت فرمائڻ کان 5 سال پهريان مڪ مڪرمه ۾ پيدا ٿيا ❖ سندن قد مبارڪ دراز (يعني ڊگهو) هو ❖ رنگت سفيد ۽ خوبصُورت ❖ شخصيت رُعب دار هئي ❖ مٿي ۽ ڏاڙهي مبارڪ ۾ مهندي لڳائيندا هئا ❖ گهڻي حِلم وارا، بُردبار، باوقار، مالدار، ماڻهن ۾ سردار، ڪرم فرمائڻ وارا ۽ انصاف قائِم ڪرڻ وارا هئا ❖ عَلّامه حُسَين بن محمد دِيار بَڪري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: حضرت امير معاويه رضی اللہ عنہ رُعب ۽ دبدبي وارا، ڏاها، بهادر، سخي ۽ بُردبار بادشاهه هئا ❖ حضرت امير معاويه رضی اللہ عنہ صلح حُدَيبيه جي ڏينهن يعني 6 هجري ۾ اسلام قبول ڪيو.[1]

---

[1]...فيضانِ اميرِ مُعَاوِيَه، صفحه:15-16-17-25ملتقطاً۔

## جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام سلام ڪيو

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جا انتهائي بااعتماد صحابي سڳورا عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جن کي حضورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ قرآنِ ڪريم جي ڪتابت (يعني لکڻ) جي ذميداري ڏيندا هئا، انهن مان هڪ حضرت امير معاويہ رَضِيَ اللهُ عَنْه بہ آهن. حضرت عبد الله بن عبّاس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، هڪ ڏينهن حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام بارگاهِ رسالت ۾ حاضِر ٿي عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ ! معاويہ کي منهنجو سلام چئو، هو ڪتابُ الله (يعني قرآنِ ڪريم) ۽ وَحْي جا امين آهن. [1]

کاتِب ہے جو کلامِ خُدا و رسول کا، پکّا اُصول کا
ہر زاویہ ہے جس کا ذہانت کا زاویہ، وہ ہے معاویہ
راوی ہے جو حدیثِ رسالت مآب کا، کاتِب کتاب کا
نوکِ زباں ہیں جس کے فیوضِ سَماوِیہ، وہ ہے معاویہ (رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُ)

## تمام مسلمانن جو مامو

**پيارا اسلامي ڀائرو!** جنّتي صحابي حضرت امير معاويہ رَضِيَ اللهُ عَنْه کي هڪ شرف اِهو بہ حاصِل آهي تہ پاڻ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي زوجہ محترمہ يعني تمام مسلمانن جي امڙ حضرت اُمِّ حبيبہ رَضِيَ اللهُ عَنْها جا سڳا ڀاءُ آهن. ان ڪري عالم سڳورا حضرت امير معاويہ رَضِيَ اللهُ عَنْه کي خَالُ الْمُؤمنين (يعني مسلمانن جو مامُو) چون ٿا. [2]

کاتِبِ قرآن امیرِ معاویہ ہیں رفیعِ شان امیرِ معاویہ
جس نے بھی کلمہ پڑھا اسلام کا اس کے ہیں ماموں جان امیرِ معاویہ

---

[1]…معجم الاوسط، جلد:3، صفحہ:73، حديث:3902۔

[2]…الشريعة الآجرى، باب:ذکر مصاہرة النبی، صفحہ:2448، حديث:1930۔

## اللّٰه ۽ رسول مُعَاوِيہ سان محبت ڪن ٿا

اِبنِ عساڪر ۾ آهي، هڪ ڏينهن پيارا آقا، محبوبِ خُدا صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ اُمُّ المؤمنين حضرت اُمّ حبيبہ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہا وٽ تشريف وٺي آيا، ان وقت حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ بہ اتي هئا ۽ سندن پياري پيڻ يعني اُمُّ المؤمنين حضرت اُمّ حبيبہ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہا سندن مٿي ۾ ڪنگهي ڪري رهي هئي پيڻ ڀاءُ جو اِهو پيار پريو انداز ڏسي اللّٰه پاڪ جي پياري نبي، مڪي مدني، مُحَمَّد عربي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اي اُمّ حبيبہ! ڇا توهين معاوِيہ سان محبت ڪريو ٿيون؟ عرض ڪيائين: هي منهنجو ڀاءُ آهي، ڀلا ان سان محبت ڇو نہ هوندي؟ مالِڪ جنّت، صاحبِ ڪوثر صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: **اللّٰه ۽ رسول بہ معاويہ سان محبت ڪن ٿا.** [1]

حضرت ابودرداء رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ کان مروِي هڪ بي روايت ۾ آهي: سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اي اُمّ حبيبہ! معاويہ سان محبت ڪيو! بيشڪ مان معاويہ سان محبت ڪيان ٿو ۽ ماڻ ان شخص سان بہ محبت ڪيان ٿو جيڪو معاويہ سان محبت رکي ٿو، جبرائيل بہ معاويہ سان محبت ڪن ٿا، ميڪائيل بہ معاويہ سان محبت رکن ٿا ۽ اي اُمّ حبيبہ! جبرائيل ۽ ميڪائيل عَلَيهِمَا السَّلَام جي محبت کان وڌيڪ **اللّٰه پاڪ بہ ان ساڻ محبت فرمائي ٿو.** [2]

معاويہ کے پيار سے ہمارا بیڑا پار ہے　　گناہ بخشوائے گی شفاعتِ معاويہ
جو عاشقِ رسول ہيں وہ ان سے پيار کرتے ہيں　　فقط منافقوں کو ہے عداوتِ معاويہ

## ٽي پيرا جنّت جي بِشَارت

حضرت عبد اللّٰه بن عمر رَضِیَ اللّٰہ عَنْہُمَا کان روايت آهي، غيب ڄاڻڻ واري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: هاڻي توهان وٽ هڪ جنّتي شخص ايندو. ان

---

[1]...ابن عساکر، جلد:59، صفحہ:89۔
[2]...ابن عساکر، جلد:59، صفحہ:89۔

وقت حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ حاضِر ٿيا، ٻي ڏينهن وري ارشاد فرمايائون: هينئر توهان وٽ هڪ جنّتي شخص ايندو، ان ڏينهن بہ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ حاضِر ٿيا، ٽئين ڏينهن وري ارشاد فرمايائون: هاڻي توهان وٽ هڪ جنّتي شخص ايندو. (سُبْحٰنَ الله!) ٽئين ڏينهن بہ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ئي حاضِر ٿيا.[1]

## مُعاويہ! مان توهان مان آهيان، توهان مون مان آهيو

هڪ روايت ۾ آهي، حضرت عبد اللّٰه بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا فرمائن ٿا: پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي فرمايو: **معاويہ! مان توهان مان آهيان ۽ توهان مون مان آهيو،** پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ 2 آڱرين کي گڏائي فرمايو: **جنّت جي دروازي تي توهان مون سان گڏ هن طرح هوندؤ.**[2]

کاتِبِ وحیِ خدا ہیں اِذْن سے سرکار کے　　　اور قطعی جنّتی بھی ہیں بفرمانِ رسول

## امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ هادي ۽ مَهدي آهن

تِرمذي شريف ۾ آهي، حضرت عبد الرحمٰن بن ابو عمير رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: پياري نبي، مڪي مدني، مُحَمَّد عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي حق ۾ هيئن دُعا گُهري: اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهُ هَادِيًا مَهْدِياً وَاهْدِ بِهٖ اي اللّٰه پاڪ! معاويہ کي هادِي (يعني ٻين کي هدايت ڏيڻ وارو) بڻاءِ، هدايت يافتہ بہ بڻاءِ ۽ ان جي ذريعي ماڻهن کي هدايت عطا فرماءِ.[3]

ہادی و مہدی بھی ہیں اور ہیں ذریعہ رُشد کا　　　اُن کے دُشمن کی کوئی نیکی نہیں ہر گز قبول

---

[1] ...مسند الفردوس، جلد:5، صفحہ:482، حديث:8830۔

[2] ...مسند الفردوس، جلد:5، صفحہ:393، حديث:8530۔

[3] ...ترمذی، کتاب:المناقب عن رسول اللہ، باب:مناقب معاويہ، صفحہ:866، حديث:3846۔

## دُعاءِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي وَضَاحت

اي عاشقانِ رسول! هن ايمان اَفروز دُعاءِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. سڀ کان پهريان تہ هي ڳالھ ذِهن ۾ رکو تہ اسان جا پيارا رسول، رسولِ مقبول صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ مُسْتَجَابُ الدَّعْوات آهن يعني پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جون دُعائون قبول ٿينديون آهن، بلڪ ❖ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو شان تہ هي آهي جو آسمان جي طرف نگاھ ڪڻن تہ اللّٰه پاڪ قبلو تبديل فرمائي ڇڏي ٿو، اللّٰه پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

قَدْ نَرٰى تَقَلُّبَ وَجْهِكَ فِي السَّمَآءِ ۚ فَلَنُوَلِّيَنَّكَ قِبْلَةً تَرْضٰىهَا ۪

(پاره:2،سورة بقرة:144)

ترجَموڪنزُالعرفان: اسان توهان جي چهري جو آسمان ڏانهن باربار ڪڻڻ ڏسي رهيا آهيون پوءِ ضرور اسان توهان کي ان قبلي ڏانهن ڦيري ڇڏينداسين جنهن ۾ توهان جي خوشي آهي.

اللّٰه اَڪبَر! حُضُور جانِ ڪائنات صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نماز ادا فرما رهيا هئا، انهيءَ حالت ۾ آسمان جي طرف نگاھ فرمائي، اللّٰه پاڪ فرمايو: اي محبوب! اسان اوهان جو آسمان جي طرف نگاھ ڪڻڻ ڏسي رهيا آهيون، اوهان انهيءَ قبلي جي طرف رُخ ڪريو! جنهن قبلي تي اوهان راضي آهيو.

خُدا کی رضا چاہتے ہیں دو عالَم خُدا چاہتا ہے رضائے محمد[1]

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو هي شان آهي ❖ جو پاڻ آڱر ڪڻن، تہ چنڊ ٻہ ٽڪرا ٿي ويندو آهي ❖ حُضُور، فخرِ عالَم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اشارو ڪن، تہ اللّٰه پاڪ لٽل سج واپس موٽائي ڇڏيندو آهي ❖ غور فرمايو! اهو اللّٰه پاڪ جيڪو پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي اشارن جي ايتري

[1] ...حدائق بخشش، صفحہ:65۔

قدر فرمائيندو آهي جو الله پاڪ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي زبان مبارڪ مان نڪتل دعائن جي ڪيتري قدر فرمائيندو هوندو...! سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْہ ڪيتري خوبصُورت ڳالھ لکن ٿا:

اِجابت نے جُھک کر گلے سے لگایا ... بڑھی ناز سے جب دُعائے محمد
اِجابت کا سہرا عنایت کا جوڑا ... دُلہن بن کے نکلی دُعائے محمد

## هدايت جي مُعَاملي ۾ ماڻهن جون ٽي قسمون

**پيارا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو: حُضُورِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جون دُعائون الله پاڪ جي بارگاھ عالي ۾ مقبول آهن، هاڻي ڏسو! پاڻ سڳورن صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي لاءِ ڪيتري خوبصورت دُعا گھري آهي: اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهُ هَادِيًا مَهْدِيًّا[1] اي الله پاڪ! معاويہ کي هادي بہ بڻاءِ، مهدي بہ بڻاءِ (يعني هي پاڻ بہ هدايت يافتہ ٿين، ٻين کي بہ هدايت ڏين).

عالم سڳورا فرمائن ٿا: ماڻهن جون 3 قسمون آهن: 1: ڪجھ اهي آهن جيڪي پاڻ تہ هدايت تي آهن پر ٻين کي هدايت نٿا ڏين، ڪيترائي اهڙا گمنام نيڪ ٻانھا آهن جن پاڻ کي مخلوق کان پري ڪري ڇڏيو، غارن ۾ رهي عبادت ڪندا رهن ٿا، هي پاڻ هدايت تي آهن پر ٻين کي هدايت نٿا ڏين 2: ڪي ماڻھو اهي آهن جيڪي ٻين کي تہ هدايت ڏين ٿا، نيڪي جي دعوت ڏين ٿا، بيان ڪن ٿا، درس ڏين ٿا، چڱيون ڳالهيون ٻڌائن ٿا پر هو پاڻ هدايت تي ناهن هوندا، پاڻ گُناھ ڪندا آهن 3: ٽئين قسم جا ماڻھو اهي آهن جيڪي پاڻ بہ هدايت تي آهن، ٻين کي بہ هدايت ڏين ٿا. هي سڀني کان اَفضَل آهن، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَيْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي باري ۾ اها ئي دُعا فرمائي تہ ياالله پاڪ! معاويہ کي سڀ کان اَفضَل درجي ۾ رک! ان کي هدايت يافتہ بہ

[1]...ترمذی، کتاب:المناقب عن رسول اللہ، باب:مناقب معاویہ، صفحہ:866، حدیث:3846۔

ٻڌاءِ ۾ ٻين کي هدايت ڏيڻ وارو بہ ٻڌاءِ.[1]

## هادي ۽ هدايت يافتہ جون فضيلتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي هي تہ خبر پئجي وئي تہ جيڪو شخص هدايت يافتہ هجي، ٻين کي هدايت ڏيندو بہ هجي، اهو ٻين ٻن قسمن جي ماڻهن کان افضل آهي پر هن ٻانهي جو پنهنجو درجو ڪهڙو آهي؟ اچو! هي ڳالھ شهزادهءِ رسول يعني حُضُور غوثِ اعظم شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان سکي ونون ٿا. حضور غوثِ پاڪ، شيخ عبد القادر جيلاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ❖ هي شخص (جيڪو پاڻ هدايت تي هجي ۽ ٻين کي هدايت جو رستو ڏيکاري، اِهو) الله پاڪ جي مَعْرِفت رکڻ وارو آهي ❖ هي اِهو آهي جنهن کي الله پاڪ پنهنجي آيتن (يعني نشانين) جو عالِم ٻڌايو آهي ❖ هن جي دِل ۾ نادِر و ناياب عِلم جا موتي رکيا ويا آهن ❖ هي پسنديده ٻانهو آهي ❖ هي مقبول آهي ❖ الله پاڪ ان کي هدايت عطا فرمائي ❖ الله پاڪ ان کي پنهنجي قُرب ۾ ترقي عطا فرمائي ❖ عِلم جي لاءِ ان جو سينو کولي ڇڏيو ❖ ان کي نيڪي جي دعوت ڏيڻ وارو ❖ عذابات کان ڊيڄارڻ وارو ٻڌايو ❖ هي انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلَام جو سچو نائب آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! غور فرمايو! رسولِ اڪرم، نورِمجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي حق ۾ چند لفظن جي دُعا فرمائي ۽ هن چند لفظن ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون فضيلتون گهري ورتيون...! سُبْحٰنَ الله !

انہیں دُعا نبی نے دی مہدی اور ہادی کی ہر ایک شک سے دُور ہے، ہدایتِ معاویہ

## دُعاءِ مصطفيٰ بابت ايمان افروز نڪتو

اي عاشقانِ رسول! هن دُعاءِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ بابت هڪ ٻيو ايمان افروز

---

[1]...فضائل معاويہ، فصل: فی فضائلہ ومناقبہ، صفحہ:72ماخوذاً۔

[2]...شرح فُتُوح الغيب، صفحہ:353۔

نڪتو آهي ۽ ان نڪتي کي عَلّامہ اِبْنِ حجر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪيو آهي: اچو! ان نڪتي کي ٿورو آسان انداز ۾ سمجهون ٿا.

ذهن ۾ هڪ سُوال اُڀري ٿو: پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي لاءِ اها ئي دُعا ڇو گهري؟ ڪا ٻي دُعا ڇو نہ گهري؟ حضرت عبد الله بن عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي حق ۾ بہ حُضُور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دُعا گهري هئي: اَللّٰهُمَّ عَلِّمْهُ الْكِتَابَ اِلٰهي! عبد الله بن عباس کي قرآنِ ڪريم جو عِلم عطا فرماءِ. اهڙي طرح ٻين صحابي سڳورن عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جي لاءِ پڻ مختلف دُعائون گهريون، آخر حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي باري ۾ اها ئي دُعا ڇو گهري تہ اِلٰهي! معاويہ کي هدايت يافتہ بہ بڻاءِ، هدايت ڏيڻ وارو بہ بڻاءِ.

هن سُوال جو جيڪو جواب علّامہ اِبْن حَجَر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڏنو آهي، ڇا تہ ڪمال ڳالهہ ڪئي آهي! فرمائن ٿا: اهڙي دُعا جيڪا دُنيا ۽ آخرت جا بلند مرتبا ڏيارڻ واري آهي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهڙي دُعا صِرف اُن جي لاءِ فرمائي سگهن ٿا جنهن جي متعلق سندن کي خبر هجي تہ هي شخص هن رتبن جو اَهل آهي ۽ انهن رُتبن جي صلاحيت بہ رکي ٿو.[1]

مطلب هي آهي تہ الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهو شان عطا فرمايو آهي تہ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صِرف ظاهر کي نہ ٿا ڏسن، باطِن کي بہ مُلاحظہ فرمائين ٿا، حُضُور جانِ ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سامهون واري جي قابليت کي ڏسي دُعا فرمائيندا هئا. حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي متعلق بہ جڏهن دُعا فرمائي تہ يقيناً پنهنجي يقيني عِلم جي ذريعي سندن قابليت کي سڃاڻي ورتو تہ حضرت امير مُعَاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ هادِي بڻجڻ جي بہ صلاحيت رکن ٿا ۽ مَهدِي (هدايت يافتہ) بڻجڻ جي بہ صلاحيت رکن ٿا، لهٰذا رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دُعا گهري: اَللّٰهُمَّ اجْعَلْهُ هَادِيًا مَهْدِيًا (اِلٰهي! معاويہ کي هدايت ڏيڻ وارو بہ بڻاءِ، هدايت يافتہ بہ بڻاءِ).

جڻ تہ هي دُعاءِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صِرف دُعا نہ آهي، هڪ اعتبار سان

---

[1] ...فضائل معاويہ، فصل: فی فضائلہ ومناقبہ، صفحہ:72ماخوذاً۔

هي حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي باري ۾ جانِ عالَم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا تاثرات بہ آهن تہ حُضُور صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي نگاهہ مبارڪ ۾ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هن ڳالھ جا اَهل هئا تہ پاڻ هدايت يافتہ بہ بڻجن ۽ هدايت ڏيڻ وارا بہ بڻجن.

ٿورو غور فرمايو! اسان جي آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا جنهن شخصيت بابت اهي تاثرات هجن تہ هي هدايت يافتہ بڻجڻ جي بہ صلاحيت رکن ٿا، هدايت ڏيڻ وارا بڻجڻ جي بہ صلاحيت رکن ٿا تہ ٻڌايو! اسان غلامن جو ان شخصيت جي باري ۾ ڪهڙو نظريو هئڻ گهرجي؟ يقيناً اسان جو نظريو اهو ئي هئڻ گهرجي جنهن جا اسان نعرا لڳايون ٿا:

مخلص و باوَفا! حضرت معاويہ باعَمل بے ریا حضرت معاويہ
جنّتی بے شُبہ! حضرت معاويہ باخُدا باصفا! حضرت معاويہ

## امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جون ٻہ اعليٰ وصفون

هڪ وڏي حديثِ پاڪ آهي، جنهن ۾ پياري نبي، مڪي مدني، مُحَمَّد عربي صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ صحابي سڳورن عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جون خصوصي وصفون بيان فرمايون آهن، ان حديثِ پاڪ ۾ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جون 2 خصوصي وصفون بيان ڪندي رسولِ اڪرم، نُورِ مجسم صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: وَ مُعَاوِيَةُ بْنُ اَبِي سُفْيَان اَحْلَمُ اُمَّتِي وَ اَجْوَدُهَا ۽ معاويہ بن ابو سفيان منهنجي اُمّت ۾ سڀ کان وڌيڪ حِلم وارا ۽ وڏا سخي آهن.[1]

اي عاشقانِ رسول! هي بہ وڏي ايمان افروز حديثِ پاڪ آهي، پياري آقا، نور واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ بظاهر حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جون صِرف 2 وصفون بيان ڪيون آهن پر حقيقت ۾ هي صِرْف 2 وَصفون نہ آهن، بلڪ امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي وصفن بابت جڻ پُورو ڪتاب آهي. عالم سڳورا فرمائن ٿا:

[1]…بغية الباحث، كتاب : المناقب، باب:فيما اشترک فيه ، جلد:1، صفحہ:893، حديث:965۔

امير معاويہ جي هنن ٻن وصفن ۾ غور ڪيو! حِلم ۽ جُود (يعني ڪمالِ سخاوت) هي ٻئي اهي وصفون آهن جنهن شخص ۾ اهي وصفون پاتيون وڃن اهو تمام باطني بيمارين کان پاڪ ۽ صاف ٿي ويندو آهي.

عَلّامہ اِبنِ حجر هَيْتَمِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جنهن شخص جي دِل ۾ ذَري برابر بہ تڪبر هجي، اهو هر گز حِلم وارو نٿو ٿي سگهي(يعني جنهن ٻانهي ۾ ٿورڙو بہ تڪبر هجي، ان جي لاءِ غُصي کي قابُو ڪرڻ مشڪل آهي ۽ جيڪو ڪاوڙ کي قابُو نٿو رکي سگهي، اهو حِلم وارو ناهي هوندو. لهٰذا جيڪو شخص تڪبر کان بلڪل پاڪ صاف ٿي وڃي) ۽ غُصي جي آفتن کان بچي وڃي تہ اهو تمام باطني خباثتن(بچڙائين) کان بچي ويندو آهي ۽ جيڪو باطني خباثتن(بچڙائين) کان بچي وڃي، اهو هر طرح جي ڀلائي حاصِل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي.

اهڙي طرح جُود (يعني ڪمالِ سخاوت) جي متعلق غور ڪيو! پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: حُبُّ الدُّنْيَا رَأْسُ كُلِّ خَطِيْئَةٍ دُنيا جي محبت هر بُرائي جي جڙ آهي. معلوم ٿيو: الله پاڪ جنهن شخص کي دُنيا جي محبت کان بچائي ۽ ان کي جُود و سخاوت جي نعمت عطا فرمائي، اها هن ڳالهہ جي نشاني آهي تہ ان شخص جي دِل ۾ ذَري برابر بہ حَسَد نہ آهي ۽ اهو شخص فانِي دُنيا جي طلب نٿو رکي، بلڪ ظاهري ۽ باطني ڀلائين جي طرف تَوَجُّهہ رکي ٿو.(1)

هاڻي ڏسو! سچّي نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: وَمُعَاوِيَةُ بْنُ اَبِي سُفْيَان اَحْلَمُ اُمَّتِي وَاَجْوَدُهَا ۽ معاويہ بن ابوسفيان منهنجي اُمّت ۾ سڀ کان وڌيڪ حِلم وارا (يعني بردبار) ۽ وڏا سخي آهن. هن مان معلوم ٿيو: ❖ حضرت امير معاويہ رَضِيَ اللهُ عَنْه غُصي تي مڪمل ڪنٽرول رکندڙ هئا ❖ پاڻ تڪبر کان پاڪ صاف هئا ❖ پاڻ دُنيا جي محبت کان بلڪل جُدا هئا ❖ صرف آخرت جا طلب گار هئا ❖ پاڻ حَسَد ۽ تمام باطني بيمارين کان بلڪل پاڪ صاف هئا ❖ ۽ تمام باطني

[1]...فضائل معاويہ، فصل: فی فضائلہ ومناقبہ، صفحہ:73-74 خلاصۃً۔

خُوبين جا جامعِ هئا.

مخلص و باوَفا! حضرت معاويہ باعَمل بے ریا حضرت معاويہ
جنّتی بے شُبہ! حضرت معاويہ باخُدا باصفا! حضرت معاويہ

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ۽ محبتِ اَهلِ بيت

## امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي امامِ حَسَن رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ سان محبت

حضرت اِبْنِ بُرَيده رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري امام حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ وٽ آيا، حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ امامِ حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي چيو: اَڄُ مان اوهان کي اهو نذرانو پيش ڪندس جيڪو ڪڏهن ڪنهن ٻئي کي پيش نہ ڪيو هوندو. پوءِ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ 4 لک دِرْهم پيش ڪيا.[(1)]

مشهور مفسر قرآن، حڪيم الأُمَّت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ نقل فرمائن ٿا: هڪ ڀيري حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ امامِ حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي خدمت ۾ 40 ڪروڙ رقم نذراني طور پيش ڪئي. جڏهن امام حَسَن رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ وٽ ايندا ها تہ امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کين پنهنجي جڳهہ ويهاريندا هئا، پاڻ سامهون هٿ ٻڌي بيهي رهندا هئا، ڪنهن پڇيو: اوهان ائين ڇو ڪيو ٿا؟ فرمايائون: امامِ حسن مجتبيٰ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ شڪل ۾ مصطفيٰ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جهڙو آهي، مان هن مشابهت جو احترام ڪيان ٿو.[(2)]

## حسنينِ ڪريمين جي استقبال جو مبارڪ انداز

حضرت محمد بن يعقوب رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا: حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جي

---

[1]…سير اعلام النبلاء، معاويہ بن ابی سفيان، جلد:4، صفحہ:309۔
[2]…مرآة المناجيح، جلد:8، صفحہ:461۔

جڏهن بہ امامِ حَسَن مجتبيٰ رَضِیَ اللہُ عَنْہ يا امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہ سان ملاقات ٿيندي هئي تہ پاڻ استقبال ڪندي فرمائيندا هئا: مَرْحَبًاوَ اَهْلاً بِابْنِ رَسُوْلِ الله! يعني خوش آمديد! خوش آمديد! اي شهزادهء مصطفيٰ...! (1)

وہ اَہلِ بیت کے مُحِبّ، وہ اَہلِ بیت کے حبیب دو آتشہ ہوئی ہے یوں وجاہتِ معاویہ

## وِصَالِ امير معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ

**پيارا اسلامي ڀائرو!** جنّتي صحابي حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ 78 سال هن دُنيا ۾ تشريف فرما رهيا، آخر 60 هجري تي رجب المرجب جي مبارڪ مهيني ۾ جمعرات جي ڏينهن هن دُنيا مان رخصت ٿيا. سندن مزار مبارڪ دمشق ۾ بابُ الصَّغِير وٽ آهي، سندن مزار مبارڪ جي چوڌاري هڪ عاليشان عِمَارت تعمير ڪئي وئي آهي، هر سومر ۽ جمعرات تي مزار مبارڪ کولي ويندي آهي ۽ خاص و عام مزار مبارڪ تي حاضِري جي سَعَادت ماڻيندا آهن. (2)

## امير معاويہ جي وِصال جي ايمان افروز ڪيفيتون

روايتن ۾ آهي: وِصال مبارڪ کان پهريان حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمايو: مون کي ويهاريو! پوءِ ڪِين ويهاريو ويو، پوءِ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہ الله پاڪ جو ذِڪر ۽ تسبيح ڪرڻ لڳا. (3)

روايتن ۾ هي بہ آهي تہ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ وٽ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قميض مبارڪ، ڪجهہ تراشيل ننهن مبارڪ ۽ مُوءِ مقدس(وار مبارڪ) هئا، پنهنجي مَرضُ الموت ۾ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ وصيت فرمائي تہ جڏهن منهنجو وصال ٿي وڃي تہ رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي قميض مبارڪ منهنجي بدن سان ملائجو ۽ مبارڪ

---

[1]...طبقات ابن سعد، الحسين بن على، جلد:6، صفحہ:409۔

[2]...فيضان امير معاويہ، صفحہ:246۔

[3]...لباب الاحياء، باب:الاربعون فى ذكر الموت، فصل:فى كلام المحتضرين، صفحہ:352۔

ننهن کي سنهو ڪري منهنجي اکين تي رکي ڇڏجو ۽ سرڪارِ عالي وقار، مديني جي تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جا مبارڪ وار منهنجي منهن ۽ نڪ ۾ پرجو، ممڪن آهي تہ هنن تبرڪات جي برڪت سان اللّٰه پاڪ مون تي رحم فرمائي.[1]

تبرکاتِ مصطفےٰ لحد کے واسطے چُنے — عقیدے کا چراغ ہے وصیتِ معاویہ

## آخري وقت گهروارن کي نيڪي جي دعوت ڏنائون

آخري وقت حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ پنهنجي گهر وارن کي نيڪي جي دعوت ڏيندي فرمايائون: اللّٰه پاڪ کان ڊڄندا رهو، ڇوتہ جيڪو اللّٰه پاڪ کان ڊڄي ٿو، اللّٰه پاڪ ان کي پنهنجي امان ۾ رکي ٿو ۽ اللّٰه پاڪ کان نہ ڊڄڻ وارن جي لاءِ ڪابہ پناهہ گاهہ نہ آهي. انهيءَ نيڪي جي دعوت تي حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ آخرت جي طرف سَفر فرمائي ويا.[2]

## صحابي سڀُورا عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان پاڻ ۾ پيائر آهن

اي عاشقانِ رسول! هڪ پيري حضرت امير معاويہ ۽ حضرت مولا علي شيرِ خُدا رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا جو پاڻ ۾ ڪجهہ اختلاف ٿي پيو هو پر اِهو اختلاف بہ ڪنهن دُنياوي لالچ جي ڪري نہ هو، هي خالص هڪ ديني معاملي ۾ اختلاف هو. نادان ماڻهو انهن ٻنهي جنّتي صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جي پاڻ ۾ ديني اختلاف کي بنياد بڻائي حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللہُ عَنْہ جي سخت گستاخيون ڪن ٿا ۽ بعض اهڙا بہ نادان آهن جيڪي مولا علي شيرِ خُدا رَضِیَ اللہُ عَنْہ کي بُرو ڀلو چون ٿا. هن بابت هميشہ ذِهن ۾ رکو! وڏن جون ڳالهيون وڏن ئي کي زيب ڏين ٿيون، صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان اُمَّت جا سڀ کان بُلند رُتبي وارا آهن، اسان جو ايترو ئي حق آهي تہ اسان تمام صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جو بَس ادب، ادب ۽ ادب ئي ڪريون، باقِي رهيا صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جا ڪجهہ پاڻ ۾ ۽ خالِص ديني

[1]...تاريخ طبری، ثم دخلت سنة ستين، ذکر الخبر عن مدة ملکہ، جلد:3، صفحہ:262۔

[2]...تاريخ طبری، ثم دخلت سنة ستين، ذکر الخبر عن مدة ملکہ، جلد:3، صفحہ:263۔

اختلافات تہ انهن جي وچ ۾ فيصلو ڪرڻ جو حق نہ اسان جو آهي، نہ ئي اسان کي اها ذِمّيداري سونپي وئي آهي.

هونئن بہ سمورا صحابي سڳورا عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان پاڻ ۾ تمام گهڻي محبت ڪرڻ وارا، پاڻ ۾ ياءُ ياءُ آهن، انهن جو ڪڏهن بہ ڪنهن دُنياوي لالچ جي ڪري پاڻ ۾ اختلاف نہ ٿيو. اللّٰه پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جو شان بيان ڪندي فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰهِ ؕ وَ الَّذِيۡنَ مَعَهٗۤ اَشِدَّآءُ عَلَى الۡكُفَّارِ رُحَمَآءُ بَيۡنَهُمۡ (پاره:26،سورۂ فتح:29) | ترجَمو ڪنزُالعرفان: محمد اللّٰه جا رسول آهن ۽ ان جا ساٿي ڪافرن تي سخت، پاڻ ۾ نرم دل آهن. |

امام جلال الدين سيوطي شافعي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه "رُحَمَاءُ بَيۡنَهُمۡ" جي معنيٰ بيان ڪندي فرمائن ٿا: مطلب هي آهي تہ صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان پاڻ ۾ اهڙي محبت رکن ٿا جيئن والِد کي پنهنجي اولاد سان محبت هوندي آهي.[1] سُبۡحٰنَ اللّٰه! خبر پئي: سيئي صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان پاڻ ۾ هڪٻئي سان ڪا رنجش نہ رکندا ها.

باقي رهيو حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ۽ حضرت مولا علي شير خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ جو پاڻ ۾ اختلاف! تہ ان جو فيصلو خُود اسان جي آقا، پياري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو آهي.

## معاويہ ۽ علي...! جنّتي! جنّتي!

جيئن تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا سوٽ، سُلطانُ الۡمُفَسّرين حضرت عبد اللّٰه بن عبّاس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُما فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن مان بارگاهِ رسالت ۾ حاضِر هئس، حضرت ابو بڪر صديق، عمر فاروق، عثمانِ غني ۽ امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم بہ موجود هئا، حضرت علي المرتضي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ بہ آيا، ان وقت غيب ڄاڻڻ واري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: معاويہ! ڇا توهان علي

[1]...حَاشيَۃ الصَّاوی عَلیٰ تَفسِير الجَلالين، پاره:26، سورۂ فتح، تحت الآية:29، جلد:3، صفحہ:319۔

سان محبت ڪيو ٿا؟ عرض ڪيائون: ان ذات جو قسم جنهن ڪانسواءِ ڪو عبادت جي لائق نہ آهي! مان اللّٰه پاڪ جي رضا جي لاءِ علي سان محبت ڪيان ٿو. آقاءِ دوجهان، سلطانِ ڪون و مڪان صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: عنقريب توهان ٻنهي جي وچ ۾ ڪجهه آزمائش ٿيندي. حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ عرض ڪيو: يارسُوْلَ اللّٰه صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ ! ان کان بعد ڇا ٿيندو (يعني پاڻ ۾ هن آزمائش جو نتيجو ڪهڙو نڪرندو) ؟ مالڪ جنّت، قاسِمِ نعمت صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو: **ان کان بعد اللّٰه پاڪ جي طرفان معافي، اللّٰه پاڪ جي رضا جو حُصُول ۽ جنّت ۾ داخلو (نصيب) ٿيندو.**[1]

اي عاشقانِ رسول! ڏٺو اوهان! حضرت علي المرتضيٰ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ ۽ حضرت امير معاويہ رَضِیَ اللّٰہ عَنْہ جي پاڻ ۾ هن خالِص ديني اختلاف جو فيصلو خُود سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ فرمايو آهي، هاڻي اسان جهڙن جي ڇا جُرئت جو اسان صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جي پاڻ ۾ معاملات ۾ دخل اندازي ڪريون. اسان کي صحابہ ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان جي ادب جو حڪم ڏنو ويو ۽ اسان کي ادب ئي ڪرڻو آهي ۽ بَس!

بڑوں کے اختلاف میں پڑیں نہ ہم، یہی ہے خیر رکھیں ہم اُلفتِ علی، ارادتِ معاویہ

اللّٰه پاڪ اسان کي تمام صحابہ ۽ اَهلِ بيت جو باادب بڻائي، صحابہ ۽ اَهلِ بيت رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم سان بي پناهہ محبتون اسان کي نصيب فرمائي.

آمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّمَ.

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مدني قافلو

اي عاشقانِ رسول! عشقِ رسول جا جام پيئڻ، صحابہ ۽ اَهلِ بيت جي محبت دِل ۾ وڌائڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني

[1]...تاريخ ابن عساڪر، جلد:59، صفحہ:139-140۔

ماحول سان وابستہ ٿي وڃو ۽ ذيلي حلقي جي 12 ڊِيني ڪمن ۾ خُوب اڳتي وڌي حِصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هن جون بيشُمار برڪتون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقي جي 12 ڊِيني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: مدني قافلو، اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## نشي جي بُري عادت ختم ٿي وئي

جيڪب آباد سنڌ جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان ڪجھ هن طرح آهي: پهريان مان غلط عقيدو رکندڙ ۽ ڪوڙ اخلاقي بُرائين جي دلدل ۾ وڪوڙيل هئس، روزانو رات جو نشو ڪندو هئس، پوءِ بَدمست ٿي گهر پهچندو هئس ۽ بستر تي بي سُڌ ٿي سمهي پوندو هئس. منهنجي امڙ منهنجي حالت ڏسي روئيندي هئي ۽ مون کي سمجهائيندي هئي پر مون تي ڪو اثر نہ ٿيندو هو، غالباً 2010ء جي ڳالھ آهي، منهنجي ملاقات دعوت اسلامي سان وابستہ هڪ اسلامي ڀاءُ سان ٿي، ان مون کي سمجهايو ۽ مدني قافلي ۾ سَفر جي ترغيب ڏياري، ايئن مون کي زندگي ۾ پهريون ڀيرو مدني قافلي ۾ سَفر جي سعادت ملي. الحمد لله! مدني قافلي جي برڪت سان جتي گهڻو ڪجھ سکڻ لاءِ مليو، اتي بدعقيدگي ۽ نشي جي بُري عادت کان توبہ جي توفيق بہ نصيب ٿي.[1]

اچّھی نیّت کا پھل پاؤ گے بے بدل سب کرو نیّتیں قافلے میں چلو
دُور بیماریاں اور ناداریاں ہوں ٹلیں مشکلیں قافلے میں چلو [2]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي ختم ڪندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ سنّتون ۽ آداب زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪيان ٿو. تاجدار رسالت، شهنشاهِ نُبُوَّت، مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی

---

[1]...بد شگونی، صفحہ:112۔
[2]...بد شگونی، صفحہ:113۔

وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِی فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## ننهن ڪٽڻ جون سنتون ۽ آداب

**2فرامين مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: 1: جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي الله پاڪ اُن کي ٻئي جمعي تائين مصيبتن کان محفوظ رکندو ۽ ٽي ڏينهن وڌيڪ يعني ڏهه ڏينهن تائين. (2) 2: جيڪو جمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽي، الله پاڪ ان کان بيماري کي پري ڪندو ۽ شفاء داخل ڪندو.[3]

اي عاشقانِ رسول! ❖ جُمعي جي ڏينهن ننهن ڪٽڻ مستحب آهي، ها جيڪڏهن گهڻا وڌي ويا هجن ته جُمعي جو انتظار نه ڪيو ❖ روايت ۾ هٿن جا ننهن ڪٽڻ جو جيڪو طريقو بيان ٿيو آهي ان جو خلاصو پيش خدمت آهي: پهرين ساڄي هٿ جي شهادت واري آڱر کان شروع ڪري ترتيبوار چيچ سميت ننهن ڪٽيا وڃن پر آڱوٺو ڇڏيو وڃي، هاڻي کٻي هٿ جي چيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو، پوءِ هاڻي آخر ۾ ساڄي هٿ جي آڱوٺي جو ننهن ڪٽيو وڃي. ❖ پيرن جي ننهن ڪٽڻ جي ڪا ترتيب منقول ناهي. بهتر اهو آهي ته ساڄي پير جي چيچ کان شروع ڪري ترتيبوار آڱوٺي سميت ننهن ڪٽيو پوءِ کابي پير جي آڱوٺي کان شروع ڪري چيچ سميت ننهن ڪٽيو. ❖ جنابت جي حالت (يعني غسل فرض هجڻ جي حالت) ۾ ننهن ڪٽڻ مڪروهه (تنزيهي) آهي. ❖ ڏند سان ننهن ڪٽڻ مڪروهه (تنزيهي) آهي ۽ ان سان برص (يعني ڪوڙهه) جي بيماري ٿيڻ جو انديشو آهي. ❖ ننهن ڪٽڻ کان پوءِ انهن کي دفن ڪري ڇڏيو ۽ جيڪڏهن اڇلائي ڇڏيو ته به حرج

---

1...مشكوٰة،كتابُ:الْاِيمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحه:55، حديث:175-

2...مرقاة المفاتيح، كتاب اللباس، باب الترجل، جلد:8، صفحه:275، تحت الحديث:4422-

3...مصنف ابن ابی شیبه، کتاب الجمعة، جلد:2، صفحه:65، حديث:2-

ناهي ❖ ڪتيل ننهن بيت الخلاء (Wash room)يا غُسل خاني ۾ اڇلائڻ مڪروه (تنزيهي) آهي، هن سان بيماري پيدا ٿئي ٿي ❖ اربع جي ڏينهن ننهن نہ ڪٽڻ گهرجن، هن سان بَرص(يعني جسم تي سفيد داغ) ٿيڻ جو انديشو آهي البت جيڪڏهن 39 ڏينهن کان نہ ڪٽيا هئا ۽ اڄ اربع تي چاليهيون ڏينهن آهي جيڪڏهن اڄ نٿو ڪٽي تہ 40 ڏينهن کان وڌيڪ ٿي ويندا ۽ ڪل 41 ڏينهن شروع ٿي ويندو تہ ان تي واجب ٿيندو تہ اڄوڪي ڏينهن ئي ڪٽي، ان ڪري جو 40 ڏينهن کان وڌيڪ ننهن رکڻ ناجائز ۽ مڪروه تحريمي آهي ❖ ڏِگها ننهن شيطان جي نِشَست گاهہ آهن يعني انهن تي شيطان ويهندو آهي ❖ رات جو ننهن ڪٽڻ ۾ حرج ناهي.[1]

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي ”بهارِ شريعت“ جلد:3، حصو: 16 ۽ شيخِ طريقت، امير اهلسنت دَامَت بَرَكَاتُهُمُ العَالِيه جو 91 صفحن جو رسالو ”550 سنتون ۽ آداب“ خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّين صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

---

[1]...550 سنتيں اور آداب، صفحہ:50-51۔